# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1988

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1988

# سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1988

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of Section 13 of Sindh Act XIV of 1973

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1988

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1988

## سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1988

## THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

[16 آڪٽوبر 1988]

آرڊيننس جنھن ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آھي، جيڪا ھن ريت ھوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس ھلندڙ نہ آھي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آھي تہ موجوده صورتحال جي تقاضا آھي تہ تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

ھاڻي تنھن ڪري، اسلامي جمھوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر ھيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آھي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) ھن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1988 سڏيو ويندو.

(2) ھي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ

2. سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 جي دفعہ 13 جي

ايڪٽ XIV جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of Section 13 of Sindh Act XIV of 1973

شق (i) ۾ سيمي ڪولن ڪانپوءِ هينيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو.

“بشرطيڪ ڪو به سرڪاري ملازم تيستائين رٽائر نه ٿيندو جيستائين ڪيس سندس خلاف ڪنيل قدمن جي حقيقت ڪان لکت ۾ آگاهه نه ڪيو وڃي ۽ جيستائين ڪيس اهڙي قدم خلاف صفائي پيش ڪرڻ جو موزون موقعو فراهم نه ڪيو وڃي.”.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**